# ڏات ٻڻي لات

(ڪوتائون)

ليکڪا:
سُندري اُتمچنداڻي

چيٽي چنڊ- مارچ، 2004

قيمت: 60 روپيا

ڇپائيندڙ
نئين دنيا پبليڪيشن
12/ بي-2، نوجيون سوسائٽي، موري روڊ،
ماهيم، ممبئي- 400014
فون: 2441130




| نمبر | وشيه | پيج |
|---|---|---|
| 1 | غزل (24) | 8 کان 30 |
| 2 | نظم (23) | 32 کان 51 |
| 3 | گيت (7) | |
| 4 | بيت (8) | |


**DAAT BANI LAAT** (Poems)
By: Smt. Sundri Uttamchandani

Cheti Chand- March, 2004
Price: Rs. 60/-
Publisher: Naeen Duniya Publication
12/B-2, Navjeevan Society, Mori Road,
Mahim- 400 016. Tel: 24441130
Printer: Sudha Offset Printers
25, Prince Market
Ulhasnagar- 421003
Tel: 2560465

## شاعرا طرفان .....

منهنجي جيون ساٿي اُتم 50 کن سالن کان ’نئين دنيا‘ پاران منهنجا ناول، ڪهاڻيون، مضمون، ناٽڪ، سفرناما پئي ڇپايا آهن. هاڻي هي شاعريءَ جي مجموعو ڪڍيو اٿس. سالن کان مان پنهنجي من جا ڀاوَ ٻڙن کن ڏائرين ۾ لکندي هئس ۽ ڪي ته ڪوتائون به نئين دنيا ۾ ڇپيون هيون. خاص ڪري 1957، 1959، 1960 ۾. هڪ ڪوتا ته بمبئيءَ جي ساهتڪ سميلن (1957) جي مشاعري ۾ پڙهي هئم، جا (غزل) نئين دنيا ۾ ڇپي ته نارائڻ شيام، ضيا، پروفيسر ملڪاڻي، حشو ڪيولراماڻي وغيره خوب داد ڏنو جو نئين دنيا ۾ به ڇپيل آهي. مون اهي شعر لئه تي پئي لکيا، جو بحر وزن جي سُڌ نه هئم. تازو دادا پرڀو وفا ۽ ڀاءُ واسديو نرمل جهڙا قابل نهنا اُستاد مونکي مليا، جن جي رهبري ۽ اُتم جي سنڌيت جي سڪ سان هن شعري مجموعي سان منهنجي من جو ويڊيو ڪلي پيو آهي. هن کان اڳ هڪ نثري نظمن جو ڪتاب ’هڳاءُ‘ نڪتل اٿم.



## پبلشر پاران ...

سُندريءَ شاعري به، ڪهاڻي ۽ ناول لکڻ وانگر 50 جي ڏهاڪي کان ڪئي آهي، جا نئين دنيا ۾ به ڇپجي داد حاصل ڪري چُڪي آهي. سندس پهريون شعر نئين دنيا پاران ڪڍيل خاص اِستري نمبر (1959) ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هڪ غريب اِستريءَ جو اِنصاف جي پڪار تي لکيل آهي، جا چوي ٿي ، ”مان ليڙن ۾، تون موٽر ۾.“ ان سان گڏ ٻيو ننڍو شعر قطع به آهي، جنهن ۾ هوءَ تنهائيءَ ۾ ويهي پڪاريندڙ کي للڪاري ٿي ”اُٿي ٻُوٿو ٻار“، جيڪي تازي شعري ڪتاب ۾ به ڏنل آهن.

اِن پرچي ۾ سُندريءَ سان گڏ ٻين ليکڪن جي اِسترين جون به رچنائون آهن، جئن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي سويتا جي، ٺاڪر چاولا جي پاروءَ جو شعر، مايا لالا جو شعر جا پوءِ شاعر ڪرشن راهيءَ جي پتني ٿي، جئن ديوي مورڏاڻيءَ جي رچنا آهي، جا پوءِ لال پشپ جي پتني بڻي، گيتا راج (راجن چاولا جي پتنيءَ) جي به رچنا آهي. ڪلا پرڪاش جي به ’معصوميت جون رهاڻيون‘ سري سان، اَدب لطيف آهي، جنهن پوءِ اهڙين رچنائن جو ”ممتا جون لهرون“ سري سان ڪتاب ڪڍيو جنهن تي اَٿاهه داد مليس. ته به اڄ تائين اهڙو ٻيو ڪتاب نه ڪڍيو اَٿس. پارو چاولا، مايا راهي، سويتا ٻاٻاڻي

۽ ديوي موردا‌ڻي سالن جا سال ماٺ رهيون. تازو مايا راهيءَ ڪتاب ڪڍيو آهي ۽ پارو چاولا بہ شاعريءَ جو مجموعو ڪڍيو آهي، جنهن ۾ سندس هڪ غزل اُهو آهي، جيڪو 1959 ۾ مون اِستري اَنڪ ۾ ڇپيو هو. پر سُندري، هنن ليکڪن جي پتنين وانگر خاموش نہ رهي ۽ ڪهاڻين، ناولن سان گڏ ناٽڪ ۽ ڪوتائون بہ لکيون، جيڪي نئين دنيا ۾ ڇپجنديون رهيون. هڪ تہ تمام مشهور غزل اٿس، جيڪو 1958 ۾ بمبئي ساهت سميلن جي مشعاري ۾، ٻين وڏن وڏن شاعرن عزيز، دلگير، سُگن آهوجا، موتي پرڪاش وغيره سان گڏ پڙهيائين ۽ خوب داد حاصل ڪيائين، جيڪو نئين دنيا ۾ بہ ڇپيل آهي. اُن ڪانپوءِ هن ڪيترا شعر نئين دنيا ۾ لکيا ۽ لکندي رهي ۽ هن اُهي سڀ شعر لئہ جي آذار تي لکيا، جو ڪيس بحر وزن ۽ ڇند جي ڄاڻ نہ هئي. 1966 ۾ رشيا جي هڪ سؤ شاعرن جي ڪوتائن جو مجموعو 'اَمن سڏي پيو' جي نالي سان ڪڍيائين، جنهن تي ڪيس اِنعام مليو هو.

هن جيڪي بہ شعر لکيا ۽ نئين دنيا ۾ ڇپيس، سي لئہ جي آذار تي لکيل آهن. تازو برک شاعر پرڀو وفا ۽ واسديو نرمل کان شاعريءَ جي ڪجھ ڄاڻ ورتائين ۽ پنهنجن شعرن تي درستيون بہ پئي ڪرايون آهن.

مون تہ سُندريءَ کي ڪهاڻين، ناولن ۽ ناٽڪن سان گڏ شعرن لکڻ لاءِ بہ اُتساهت پئي ڪيو آهي، ان ڪري هوءَ ٻين ليکڪن جي زالن کان لکڻ ۾ سرگرم ۽ اَڳري رهي آهي. جيڪڏهن ڪين بہ سُندريءَ وانگر سندن ساهتڪار پتين کان اُتساهہ ملي ها تہ هُو بہ اڄ تائين سرگرم رهن ٿا ۽ جنهن جو اَثر سندن گهر ٻار تي بہ ٿئي ها تہ عام ماڻهن تي بہ ٿئي ها، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو واڌپوءِ ترقي اڄ کان ضرُور ڪجھ وڌيل هجي ها!

سُندريءَ تہ شعر لکڻ سان گڏ اُهي سملينن، ريڊيو ۽ ٽي. وي جي مشاعرن تان بہ پئي پڙهيا آهن. پر بہ چار سال اڳ ۾ ٽنگ جي هڏي جي



آپريشن ڪري، لٺ جي زور تي هلڻ ڪري، هينئر مشاعرن ۾ ڀاڱ ڪانہ وٺي سگهي آهي، جيتوڻيڪ شعر لکڻ جاري اٿس، جنهنجو ثبوت هيءُ سندس تازو نڪتل مجموعو آهي.

اُميد آهي تہ ساهت جي ٻين شاخن وانگر سندس شاعريءَ جي شاخ بہ پسند پوندي. اَسين پاٺڪن جي راين جي آجيان ڪنداسين. جئہ سنڌي!

**اي. جي. اُتم**
(نئين دنيا پبليڪيشن)

# غـــزل



(1)

هزارن چراغن کي ٻاري ڇڏيوسين،
جهان روشنيءَ سان سنواري ڇڏيوسين.

وئي رات گذري، وئي ختم ٿي ٻاٽ،
ڏيو هر ڪِرڻ ۾ وهاري ڇڏيوسين.

وجهون بار پنهنجو اُٿارڻ جو ٻئي تي،
غلاميءَ جو گهانگهو اُتاري ڇڏيوسين.

رجائي خوديءَ کي ٻٽي پياسين ساگر،
سنڌوءَ جئن هماليہ کي ڏاري ڇڏيوسين.

اَسانجي اُٿڻ سان اُٿي آهہ دنيا،
رهڻ هيڪلو اڄ وساري ڇڏيوسين.

اَگر ئي هئاسين مگر ڊڄي ڊڄي،
ٿي هيرا، دلين کي ڏتاري ڇڏيوسين.

(2)

اونده جو راڄ ائين هٿي پيو جهان تان،
پرڀات جڻ اچي پئي ڪيتن گسن مٿان.

بيدار آهه دل ۾ ٿيو جذبو پيار جو،
هاڻي وڃائبو نه سُڪونُ دل جو ائين هٿان.

انسان وڃي ٿو ناد تنهنجي عظمتن سندو،
آهي ڪرڻ مرڻ جي سِڪي ريت تو ڪٿان؟

هرڪو اچيو پڇي ته چڙهيو ڪيئن خمار خاص،
ڪنهن کي خبر ته ميڙ ۾ ساجن لنگهيو هتان.

پنهنجو ئي پاڻ قيد ڪيو هو غلام دل،
”جو پيار ٿو ڪري سو غلام آ“ چئو متان.



(3)

من کي چاهه ڪرڻ جي عادت،
نه ته چاهڻ جهڙو ڪي آهي؟

جي ڪرٽو آ، سفر اَڪيلو،
ٿاهه وڏا من چو پيو ٿاهي؟

راهه ۾ راهي الڳ هلن پيا،
ڪو ته اَچي ايءَ دوري ڏاهي.

ڦل طوفان لڳن واريءَ جا،
سسئي ويندي ڪيچ ڏي ڪاهي.

(4)

سُر سان سُر نہ ملائي سگهجي،
ڪيئن ٿيندي پوءِ گيت گنجار؟

دک جي ڏوٽيءَ ۾ جا باھہ،
سَلَ ڪندو ويٺو وينجهار.

ڪرم لکيو هر ڪنهن کي ڪنٽو،
هر ڪنهن وٽ آ سور پچار.

چڱو ٿيڻ سان سُک ملندو آ؟
نهاري صليب ڏي ڪر ويچار.



(5)

منهنجو مُورک من هيءُ ڪنهن تي،
هرک سکي ڙي، هاري ويٺو.

جنهن لاءِ دوست نہ دشمن جڳ ۾،
تنهن کي ڪيئن سنپاري ويٺو.

رات نہ روشن ڏينهن نہ ڪارو،
سچ سڀاجهو ساري ويٺو.

پوءِ بہ ڪُوڙ مٺان من پيارو،
نينهن نجهري کي ٻاري ويٺو.

هيءُ ڪهڙو پوپٽ پرڏيهي،
گُل کي آ سينگاري ويٺو.

هِن هُن کان جو پاڻ لڪائي،
سخن جا پردا ڏاري ويٺو.

خود کان خود جو لِڪڻ چاهي،
غيرن کي ڏيکاري ويٺو.

سارو جڳ آ سچ جو ساحل،
لهرن کي للڪاري ويٺو.

(6)

اَسر جو اَسين روز اُٺون ڪجهہ ٿا سوچي،
سمور پوءِ بہ گذري اُجهاڻل اُجهاڻل.

ڄِيي ڪا ڪا! جي نہ دل مان ٿي نڪري،
لڳي ٿي جواني وساڻل وساڻل.

سُکيا ڏينهن موٽن، طبيا! بہ چمڪن،
اچن سال گهوڙا، نہ هئا جي وڪاڻل.

اُهي ڏينهن موٽن ڪي پنهنجا بہ گڏجن،
لڳون ڪونہ سڀ کي ڏڪاڻل ڏڪاڻل.



(7)

سجو ڏينهن ڳائڻ وڄاڻڻ تي، دل ٿي،
وري پنهنجا ڏڪڙا ٻڌائڻ تي دل ٿي.

نہ نڪري سگهياسين جڏهن بحر غم مان،
نہ لڙڪن جا موتي لُٽائڻ تي دل ٿي.

اسان کي چڙڏي ويا جي واديءَ ۾ ڊپ، سي،
اڪيلو خوشيءَ ساڻ ڳائڻ تي دل ٿي.

مٿا سُر ڪيڻ لاءِ من آهہ ماندو،
اِنهيءَ ماندگيءَ کي مٽائڻ تي دل ٿي.

نئين ڪنهن جهان جا هجن ساڻ سپنا،
تہ سپنن کي ساپيا بنائڻ تي دل ٿي.

(8)

منهنجي سوال جو هي ناهي جواب هرگز،
مون کي نٿو وڻي اڄ تنهنجو حجاب هرگز.

تنهنجي رهي ايامن کان پريت آهه مون سان،
پر جي اُها نه ونڌجي، ناهي ثواب هرگز.

چوڏس جو چنڊ آهي ڦولن به ٻُور هاريو،
چلکڻ بنا نه رهندو تنهنجو شباب هرگز.

تون لک لڄون ڪري وٺ، پل پاڻ ڪين آڇج،
مکڙيءَ کي نيٺ ٿيڻو پوندو گلاب هرگز.



(9)

من جا ماڻڪ روز پَڃن جي،
تن سان پوءِ ڪريون ڇو ٺاهه؟

مورک! چئه تو کي ڇا گهرجي،
پيار کپئي يا رڳو نباهه؟

جن جي جيءَ ۾ آهي جهيرو،
تن سان ٺاهه، نباهه، گناهه.

جن جي ڳُل ۾ آهه قور،
تن لاءِ گهورڻ ساهه گناهه.

پنهنجي ڪانئرتا تي هڪ ڏينهن،
روئي روئي ڏيندين ساهه.

(10)

وساري هلون ٿا اسين هن بدن کي،
سدا ٿيس ڏکويو ڏني ٿس مصيبت.

ڪڏهن سور سِر ۾ ڪڏهن سٽڪ نڪ مان،
وڏو وير ڏاڍو وڏو ٿس طبيعت.

ڪلا ساڻ گذريا ڪي مهنا ئي مس مس،
نياپوسين موقعو چئي بس غنيمت.

ڪٽي خواب ڏاڍا وڏياسين ٿي اُپ ڏي،
تہ اَڙڏنگ ڪئنسر جي پيئي ملامت.

چڱو جو وزيري نہ ماڻي اسان ڪا،
وڃائي رکون ها سڄي پنهنجي اِئن پت.



(11)

سنڌ منهنجيءَ جا سلا ٿيندا وڃن ٿا وڻ ڏسو،
گود ۾ ڀارت جي پلجي سپ لڳا سامڻ ڏسو.

گل گلابي سنڌيت جو آهہ قلميو هند ۾،
ڇا انهيءَ جي حسن جو سپ کي لڳو ڪامڻ ڏسو.

لهر لوڏي ۾ رهيا سنڌي گهڻو عرصو مگر،
هڪ ٻئي جا هٿ جهلي نڪتا سمنڊ جهاڳڻ ڏسو.

ڪين روڪڻ ساڻ رُڪندي وهڪ سنڌوءَ جي اَجهل،
هٿ ڏئي روڪيو ٿي جن اڄ، تن جا هٿ مهٽڻ ڏسو.

سڌ ڪيو سنڌيءَ دهليءَ، بمبئي، اجمير ڪان،
هند جي هر نس اندر اڄ سنڌ جو مامڻ ڏسو.

سنڌ وارا ڪئن نہ ڀارت خواهہ پاڪستان ۾،
اَڄ لڳا سُهڻي سنڌيءَ کي ساهہ جيان سانڍڻ ڏسو.

(12)

اِلاهي گيت اڄ مهمان اسانجي گهر ٿيا آهن.
اڄي سڀ اوپرا پنهنجا، اسانجي گهر مِڙيا آهن.

نہ ڍولڪ، سارنگي، سرتيون، هنن جون ميزبان ٿينديون،
فقط هڪ دلبريءَ تي، هُو اسان جي گهر هِريا آهن.

اَچن پيا قافلا هلندا، اُڏاٽي ريت آ اُپ ڏانهن،
بيابانن ۾ واريءَ تي، عجب ڪي گُل تِڙيا آهن.

اي دل جن ڪي سنپارين ٿي، سموري رات سارو ڏينهن،
اُهي ئي آرزو ٻٽجي، اسانجي گهر گهِڙيا آهن.

نہ روڪيو بس نہ روڪيو ڙي، توهين پڻ اڄ ٻَڏو گهنگهر،
نچي، ڳائي، چُمو سي، جي ورهين ڪانپوءِ وريا آهن.



(13)

ڏِين سندي قطار سان مڪان جئن سجائجي،
ڦتل تئين گهٽو نظر اڄي مڪان، ڇا ڪجي.

لڳا جي داغ درد جا لڪائجن تہ مرڪ سان،
مگر جي مرڪ درد جو ڪري بيان، ڇا ڪجي.

پئڻ جي لئہ غصو مُهر ماٿ جي لڳائجي،
لڇائي ڪنهنڪي جي وجهي ٿي بند زبان، ڇا ڪجي.

جهان ڪي پلڻ جي لاءِ نيڻ ننڊ سان پريون،
مگر جي خواب ۾ هليو اڄي جهان، ڇا ڪجي.

(14)

هيءُ دوزخ آ يا ڏرتي آهہ؟
سُک جو ڪين ڪٽي ڪو ساهُہ.

ڏک آ ٽپڪيو ڪونہ خدا ڪان،
آدم ٽپڪي ٿاهيو آ ڏاهہ.

سُک جي سج ۾ تاءُ نہ ڪوئي،
دک جو چنڊ سڄوئي آ باهہ.

ڪهڙِ ڪارڻ ڳُوڪي ٿي ريل،
هوءَ تہ ڏيئڙي آدم جي ناهہ.



(15)

ظفر! مُدت ڪان اڳ، مليو موت توکي،
اهو سور مونکان نہ وڌ ڪوبہ چاٽي.

پڳي هئي عمر سان لڳايُس لقب ڪِن،
جلن سا تہ مون ڪان نہ وڌ ٻيو ڪوبہ چاٽي.

مليا مارئيءَ کي جي مارو وطن جا،
خوشي سا مونکان وڌ ڪو سگهندو نہ چاٽي.

خوشي هڪ جي ٻئي لاءِ دک جو چو ڪارڻ،
ڪڙو ڪو خوشي ٻئي جي سُک ۾ بہ ماٽي.

اسان ڪان گهٽا ڪم ويا رهجي آخر،
جو چوندا رهياسين، ’ڪبا سي سُپاٽي‘.

ڪٽي وٺ خدارا ڦتل هن مندر مان،
پڳل بُت سان جيئڻ وهي ڪين هاٽي.

(16)

آسان ڏينهن ڀنيان ڏينهن روئندي گذاريو،
اوهان پر ڪڏهن ڪين ڀُنتي نِهاريو.

گنهگار هرڪو اوهان جي نظر ۾،
قطارن اُنهن ۾ ٿا مونکي وهاريو.

آسان ڪين اُچلي آ مس پڙ اوهان تي،
توهان ڪئن اسان تي هي ڏامر آ هاريو.

نڪو ڪجهہ چيوسين، نہ ڪجهہ پيي ٻُڌوسين،
گهڻو ئي آوهان هو آسانکي پُڪاريو.

ڏکوئي ئي ڦتڪار يارن جي ڪيڏِي،
سڄي رات مون آهہ روئندي گذاريو.



(17)

چيوسين پي سپ گُل تہ مُرجهائجي ويا،
تہ پو هي سُڳنڌيون ڪٿان سرجي آيون؟

سڄو ساهہ خوشبو ئي خوشبو جا گهيرا،
نشي جون هي اُڇلون ڪٿان پرجي آيون؟

چيوسين ورق سپ وساريل ئي سمجهو،
مگر هر ورق تي ٿا مُرڪون وڇايون.

آجايو نہ مڙهجو اسان تي ملامت،
جو سيني ۾ آهن چڱايون مدايون.

(19)

اوهان آهه سهجي ئي سُک کي سُڃاتو،
اسان جو مگر آهه دک ساڻ ناتو.

پڳهه پنهنجي من جو نه جن کي هٿن ۾،
ڪُنَنِ ۾ انهن آهه ٻيڙيءَ کي پاتو.

جليا جي ٻه جيئري خودي خاڪ تن جي،
پين ڪين پاٽي جيئن، پي ڪرياتو.

ڏني ماءُ ڀُنجي نه ماڻڻ جي لولي،
تياڳڻ تنجڻ کان اسان آهه ڄاتو.

سخن آ سُڃاتو صدا جي ادا سان،
ڀُلي منهنجي نجهري ۾ اُن پير پاتو.

ميسر نه ڪا موج هِجيل حياتي،
اوهان ڪيئن اسان جي خوشيءَ لاءِ ڳاتو.



(20)

نه تنهنجي ئي آ هيءَ، نه منهنجي آ دنيا،
مگر تہ ٻه لڳي ڪيڏي پياري آ دنيا.

’مونکي تون کپين‘ گر فقط لفظ آهن،
پريل تن اندر ڏس تہ ڪيڏي آ دنيا.

اگر سِپ جي اندر نه موتي آ هڪ پي،
تہ ساگر ۾ بيڪار اُن جي آ دنيا.

ڪندو چنڊ هڪڙو ئي روشن آ جڳ کي،
ستارن سان روشن نه ٿيندي آ دنيا.

هُجي هڪ ئي منهنجو اُهو ئي گهٽو آ،
نه هڪڙو جي پنهنجو تہ ڏاري آ دنيا.

چيو هوندو آدم کي حوا ائين ئي،
جي سامهون هجين تون تہ پياري آ دنيا.

(21)

ڪڏهن روز پئسا ۾ پايون ڳڻيوسين،
مٿان نوٽ جوڙڻ جو وارو بہ آيو.

مگر اڄ هزارن سواءِ ڳالهہ ناهي،
تڏهن پڻ لڳي ٿو سفر هي اجايو.

جدائي هئي خود لکن جي ڪا پُونجي،
هزارن بنا پڻ سفر هو سجايو.

پلي اڄ لکن جا بہ ليکا ٿا لاهيون،
تڏهن پي مليو ناهہ سُک جو ڪو سايو.



(22)

وري رت ٻري ٿو وري ڏيون ٿا مُرڪي،
ڪنڊن جي ٿي سيجا ئي گُل جي حياتي.

ڏکي ڏاڍي گذري، سمندر جي ٿر ۾،
اُميدون ڏسون شل نکيتر سواتي.

گھُٽيونسين سدا پنهنجي قوت ۽ طاقت،
ڪندا پر نہ ويساهہ، ويساهہ گهاتي.

ائين چو جيئون ٿا، سدا ويڙ سهندي،
چو هڪڙي ئي ڏک سان نہ ماري ٿي ڪاتي.

ڪريون ڪيئن آخر ٿو ڦٿڪي هيئون هيئن،
ٻڌون پيا ٿا عيشن ۾ گذري حياتي.

(23)

منهنجي ڏيهان پنهنجا ايندا،
آڪيون ڪتيون بس آهن در ۾.

چانگ چيبلي اهڙي ايندي،
جهڙي ڪين ڏٺم هن تر ۾.

مرشد تن جو مُنهنجو ساڳيو،
ٻائر ٻينر هئاسين گهر ۾.

اهڙو ڪو ٽاڪوڙو ٻيو جو،
ڏيهہ چڏيوسين تڪڙ تڪڙ ۾.

کهڙو تن جو مان ڪنديس،
ڪستوري جا ناهي هَڙَ ۾.



(24)

هرڪو ڳائي ديس جا نغما،
پر مون وٽ ڪو ديس نہ آهي.

ميران ڪي ڄڻ موهن من ۾،
ڪنهن ڪنواريءَ لئہ پريتم چاهي؟

ڌرتيءَ ڪي ڪا موٽ ڏني ڪنهن؟
ڪير ٿو ماءُ جا ٿورا لاهي؟

ساهہ سان سانڍي ڌرتي جنهن پي،
پربت سان ٿو سينو ساهي.

# نظم،
# آزاد نظم
# ۽
# بي قافيہ نظم



## سوال

سوال پڇيو هر سنڌيءَ آهي،
سي سَرڪش منصور ڏنا ٿي؟

جن جي ڪا ٻج ڪوٺي ناهي،
ٻيٽل اوچي ڳاٽ ڏنا ٿي؟

ڪيترا سِرَ تون سگهندي لاهي؟
سنڌيءَ سوال پڇڻ سان آهي.

گهمنڊ رکيو ظالم جو ڏاهي،
ور ور سنڌي ٿو ڏُهرائي.

سنڌ کي ظالم ڏاهي سگهندين؟
ڳالهہ تہ تنهنجي وس جي ناهي!

موهن جي دڙي کان قائم آهي،
ڪئن سگهندين تنهن سنڌ کي ڏاهي؟

## ناري

هيءَ ناري ڏس ڪيڏي پياري،
اندر ٻاهر جوت جلائي.

ڪنول گلن جا جهڳٽا هٿ ۾،
پوڄا ۾ ٽي ڏيان لڳائي.

خود پوڄا جي مورت آهي،
ڪير ڪيس سا ڳالهه ٻڌائي؟

فطرت ٺي ناريءَ جي اَهڙي،
نينهن سندو ٽي مينهن وَسائي.



## کهڙا کهڙا ماڳ!

ٻڙي آ ننڊ ۾ جهڙي جاڳ،
رُلي مَنُ کهڙا کهڙا ماڳ!

چِڏي جو ستو سپن جو سنگ،
ٻُڏي سو ڪنهن چارڻ جو چنگ،

ٻڙي آ ننڊ ۾ جهڙي جاڳ،
رُلي من کهڙا کهڙا ماڳ!

اَڙي هيءَ بلئڪ آئوٽ جي مات،
ٻڙي آ شام ۾ آڏي رات.

وڄائي سائرن موت جا راڳ،
رُلي من کهڙا کهڙا ماڳ!

## سنڌ جي سار

هيءَ پاڪ مٽي هيءُ پاڻي آ.
ڇُهندي ئي ٿي دل ساڻي آ.
هيءَ اهڙي هنڌان ڪنهن آندي آ؟
جا ڏسڻ لاءِ دل ٿي ماندي آ.
جنهن پاڪ زمين تي راند ڪئي،
سا زمين به ڇا ته زمين هئي!
جنهن درياهه ۾ ٿي سنان ڪيو،
سو درياهه ئي ڇا درياهه هو!
بس ياد اچيو سواسن ۾ وسي.



## مٺا ياد آئي

ڏسي سمنڊ ساڳيو،
۽ آڪاس ساڳيو،
مٺا ياد آئي وري تنهنجي من ۾.

ڏسي راهه ساڳي،
لنگهياسين جا گڏجي،
مٺا ياد آئي وري تنهنجي من ۾.

هئي پُل به ساڳي،
لنگهي ريل هيٺان،
مٺا ياد آئي وري تنهنجي من ۾.

## ميگهہ ملهار

ميگهہ ملهار ٻڏي تون گهنگهرُو،
ور ور در تي دستڪ ڏين ٿو.

اندر اياڻي قيد ڪڙين ۾،
ديپ اُجهاڻل ٻن اکڙين ۾.

ڇم ڇم در ٻاهر ٿو لائين،
گهايل گيت ٻين جا ڳائين.

دک ۾ درد ٻئي پهري تي،
ميگهہ ملهار ٻَڏي تون گهنگهرُو.



## نار نماڻي ڇا ڄاڻي ؟

ائين ٿيندو آ ڪو ڏينهن ڏنگو،
نِت اَبر اکين مان آ وسندو،
سو نار نماڻي ڇا ڄاڻي؟

تارن کي تڪيندي رات وڃي
پر چنڊ نہ چادر وجهڻ اچي،
سو نار نماڻي ڇا ڄاڻي؟

ڇو مرد ٿا ڪن اهڙيون ڳالهيون،
پستانن جي پئمانن جون،
سو نار نماڻي ڇا ڄاڻي؟

## منشي پريمچند کي شرڌانجلي

نوابي ڇڏي 'پريم' تو جي سڏايو،
تہ پريمين ڪيو تنھنجو رايو سجايو.

نظر پريم جي ھر ننڍي ۽ وڏي تي،
نڌر پيي آ تنھنجي اکين ۾ سمايو.

ڏڌل ڏک ۾ 'ھوري' پيڳل چيلھہ دُنيا،
نئين يُگ جو نياپو سندن پٽ سُٽآيو.

ادا! ھڪ سچو يُگ ڏکن جو پنن تي،
پلا کھڙيءَ لوريءَ تي توکان لِکايو.

ٻُڌي گورکيءَ ھي لڏڻ جو جھان مان،
سچي رات پئي نير نيٽن وھايو.



## سجاڳي

اَجا جو نہ آئي اکين ۾ سجاڳي،
چئون ڪيئن گھڙي ھئي صبح جي سپاڳي.

اَجا ڳھر آھي انگن ۾ اڙيل ڪا،
اُجھاٽي نہ اُتراڻ ڪاتي ٻريل ڪا.

نہ دونھون نہ لاٽون ٻري ڪيئن پيو ٻُندَ،
وئي لال لوئي وِساٽو نہ ھي ٻُند.

اُتر جي ھوائن اَگن ھيءَ دُکائي،
مگر نار سرڪي سوَر ۾ نہ آئي.

سجي رات جاڳي اَسُرَ جو سُتا جي،
ڪٽي ڳھر اَکين ۾ منجھند جو اُٿيا سي.

## مُمبرا سئر

وڏي وير ويٺي حياتيءَ تي سوچيم،
اچي ياد پيا دل ۾ گذريل زمانا.

سا ممبرا جي پڪنڪ سناتي ۾ سوچون،
مگر منهنجي چوڏر هئا شادمانا.

سڄو سمنڊ اُٿلي هو ڪاريءَ ۾ آيو،
لڳو ناز ڪاريءَ جو ٿي پيو سوايو.

هلي اِئن ٿي ٻيڙي ڪٽي چنڊ تارا،
لهي فرش تي جڻ سڄو عرش آيو.

ڪٽي اوچتو جو مون اُپ ڏي نِهاريو،
تہ چٽني ڏسائن ٿي جڻ نُور هاريو.



## سک ۽ دک

ڪڏهن دل سُکن ۾ ڪڏهن آ دکن ۾،
آَجا مستقبل ٿيو مزاج ئي نہ آهي.

سُکن ۾ تہ ٽپ ٽپ لڳائي ٿي ڪيڏي!
دکن ۾ تہ پاتال ۾ تي رسائي.

پلا سُک ۽ دُک جو آ ماپو بہ ڪيڏو،
رکي چار فوٽ هن وچوٽي ٻٽائي.

الا سُک ۽ دُک ۾ وچوٽي بہ چاهي،
رُڳا اِنچ ڪي، پر عمر ننڍ ڦٽائي.

ڪڏهن جي اکين کي پوي هيءَ ٿي مُشڪل،
تہ سگهنديون نہ آهن هُو آنسُو وهائي.

ٿڪي جئن پَوَن نارَ جون ساريون ڪِنگريون،
نہ چُلڪن نہ ڊِلڪن ٻِهَن ٿِڪَ لڳائي.

## هولي

ڏسو اڄ هوليءَ جا هي ڍنگ،
لڳايا شام اڇي خود رنگ.

ته تن من ٿي پيو گلابي سارو،
نچي پيو نگر سڄو پيارو.

پيار جي ڪئي سڄڻ ڪا بات،
اُڏرائي ننڊ اکين مان رات.

سنا جئن اونهاري جا ڏينهن،
وسايا سڄڻ اکين مان نينهن.

لڳي پيو نگر سڄو نيارو،
لڳي آڪاس به پيو پيارو.

تڏهن هي ارمانن جا ڍنگ،
ستا ڄڻ پي پي گهاٽي ڀنگ.



## سدا حيات شيام

حويليءَ ۾ رهڻ وارا،
رهي پيا هڪ ننڍي گهر ۾.

ڪتابن جي قناتن سان،
جُڙيل هئن جيءَ ۾ خيما.

نِياڳي ٿڌ گهر گهِڙي آئي،
ته اُن کي پي گلي لاٿئون.

سُمهي پيا ننڊ اَبديءَ ۾،
سدا آڏيءَ اُٿڻ وارا.

نه موتي سي سگهيا سنڌ ڏي،
سدا سنڌ لئه سِڪڻ وارا !

## هي هندستان ..... هُو پاڪستان

”هيءَ زمين، هوءَ زمين“
”ليڪ ناهہ، چِيرَ ناهہ.“
”زمين تي تري هلي،
سا ٽئنڪ پيي ملي آَٿم.
هوا ۾ تير جيان هلي،
مليو سو سپرجيٽ ٿم.“
”اڙي چريا ٿو بڪ مرين،
نہ هر ڳڌءِ نہ کوهہ کنيئہ،
وجي ڳڌءِ بندوق بس!“
”ڳنهڻ جي ڳالهہ ناهہ هت،
اُڌار سپ اُڌار آ.“
”مگر پيو جو بڪ مرين،
علم نہ پيو وٺي سگهين؟“
”تہ چا ٿيو ڙي چا ٿيو؟
بندر ڪڏهن پڙهيل ڏٺئہ؟
عيال آءُ ان سندو.
آَگر نٿو مان جوڙيا،
ٻني نٿو مان کيڙيان،
اسڪول کي آَڏيان نٿو
تہ چا ٿيو ڙي چا ٿيو؟
فصل لُٽي سگهان تہ ٿو!



سڪول تنهنجي ملڪ جا،
اڄي پڄي سگهان تہ ٿو.
ذرا سڏو ٿي بيهہ هاڻ،
توب منهنجي تيار آ.“
”اڙي بندر چريو نہ ٿيءُ،
گليل سان ٻہ توکي مان
پڄائي ٿو سگهان آَدا!
مگر مٺا! ڪو شرم ڪر:
بندر نہ ٿيءُ، ڪو ماڻهو ٿي.“
”ڏنو ڏنو ٻُڏو ٻُڏو
اڄها بندوق ٿي اڇيئي،
گليل پل پيو سنڀال.“
”ٻِ تون ٻہ دل دکيءَ ۾ رک
گليل جو ڪمال ڏس،
اُڌار جي سنڀل ڪج.
اِئين ادا رڙيون نہ ڪر،
پڳي جي ٽئنڪ چا ٿيو؟
تہ پانيرن سان پڄ ڪٽي،
بندر تہ ائين ڪندو ئي آ.“
”وجان ٿو چاچي سام ڏي،
وٺي اچان اُڌار پيو.
ڪٿيو ”ايوب“ کي ’ايوب‘،
ظلم آهہ ظلم ڙي.“
”ٻِ ياءُ ٿي ڪنجون ڪنيئہ!

تہ ظلم ڪونہ ٿي لڳئہ؟
اُڏار تي اِٽيون هنيئہ؟
تہ ظلم ڪونہ ٿي لڳئہ؟
لڳئہ ظلم اُٿڻ سندو
تہ ڇو ٿي ڇيڙيئہ مونکي.
لڙڻ مرڻ ۾ هار جيت،
بهادرن لاءِ هڪ سمان.
تون ڪوئي ٻار ٿو لڳين!
پڳو وتين ٿو ماءُ ڏي!!
سا ماءُ ٿي يا پُوتنا؟
خبر نٿو رکين گدڙا!
ڪرشن جيان دسيس تون،
متان مرين ٿون زهر سان.
سنڀال ڪر، سجاڳ ٿي،
نہ راڪسڻ سان راز ڪر.“

(نئين دنيا، 1965)

(ڇاڇو سام: آمريڪا)



آزاد نظم

## ڏات ٻٽي آلات

ڏاتِ اَسانجي ڏيل اندر،
جئن مُنبَر ۾ ڏيئو
جهَڪو جهَڪو ڪُجهہ،
تِڪو تِڪو ڪُجهہ،
پرهہ اُجهاٽو
رات ٻريو.
جڏهن بہ ڪوئي راوَ وِساري،
هن مُنبر وٽ آيو آهي،
منهنجي جلندي جيءَ،
تڏهن ڪو دڳ
اُن کي پُرجهايو آهي.
ڏاتِ مٺي!
ڪيئن آئينءَ مون وٽ؟
مون وٽ سَڏ نڪي سؤداءُ،
هِڪُ پَلُ سُور سَنُم بس سُک جو،
ڏُک سان عمر رهيو پرچاءُ.
تون آئينءَ، نِجُ آئينءَ مِنڙي،
روشن روپ انيڪ ٿيا.
لوڏ وٽن جي ڇَنَنَ پَنَنِ جي،
مون گُونگن جا گيت ٻُڌا،
ٻنلپ جي گاديلن تي،
مون اوجاڳيل ڪي ميت ڏٺا،

ڏانءُ ڏئُڻ يا ڏاڻُ ڏئُڻ،
ڪا ٻُوجهه ڏِئڻ، ڪا سُوجهه ڏِئڻ،
مُوڙهيل من ۾ جهوريل جيءَ پڻ،
ڪلندي ڪلندي مون سُور سَنا.
ڪا خوشبوُ هِنَ ساهه سَمائي،
ڪپڙن تنهنجن جي ڇُڙِ ڇُڙِ مان.
تون آئينءَ، نچ آئينءَ نيور،
سپنا پئي مُون سال لڌا.
جرڪينءَ منهنجي جيءَ ۾ ائين،
جئن چاٽ ڳتين جي جَرَڪي آ.
پڙڪينءَ بڻجي لاٽ اُها،
جا طوفانن ۾ پڙڪي آ!



## ڳولا

بهارون ڪٽي خوب ٿالهين ۾ جوتيون،
لٿيون اڄ اسان وٽ ٿي مهمان آهن.
گهڙيون گهر ۾ آهن سي مهمان بڻجي.
هوائن ۾ ميندي، فضائن ۾ لالي،
گلن ۾ ڦلن مان ٿي سرهاڻ نڪري،
تہ لهرائي تن من،
سهاڳڻ سمجهي ڪيئن،
۾ هنجو
اُٿي رات ۾ روز پٽڪڻ لڳي ٿو.
سپي قرب خاطر سو دلدار دلبر
ڪري خوب ڳولها بنن ۾ برن ۾.
نہ پائي سو عالم،
وري سڏ ڏئي ٿو،
وجهي منهن هو موتن ۾ ڦُٽڪڻ لڳي ٿو.
تڏهن رات جو روح پٽڪڻ لڳي ٿو.
پُڇي ٿو بهارن جي جوتين کان هن پر،
تہ هُن پر چا ملڪا بہ بن بن ٿي پٽڪي؟

## ڪلاڪار

ڪوريئڙي جيان ڄار ڪيڏي،
ڄار ۾ ڦاسي
ڪلاڪار بس ڪلا جڳت ۾،
...